ACADEMIA International Journal for Social Sciences
Volume 5, Issue 3(s8), 2026 ISSN-L (Online): 3006-6638

# ڪرئيٽو مائينڊ اسڪول (سي. ايم. ايس) سڪرنڊ ۾ سنڌي ۽ اردو ڳالهائيندڙ والدين جو پنهنجي ٻارن کي مادري ٻولي سيکارڻ بابت رويو

# Sindhi and Urdu Speaking Parents' Attitude to Teach Mother Tongue to their Children in Creative Mind School (CMS) Sakrand

**Kashif Ali**
M.Phil Scholars, Department of Sindhi Language and Literature,
Shaheed Benazir Bhutto University Shaheed Benazirabad Sindh Pakistan

**Khan Punhal**
M.Phil Scholars, Department of Sindhi Language and Literature,
Shaheed Benazir Bhutto University Shaheed Benazirabad Sindh Pakistan

**Bakhtawar**
M.Phil Scholars, Department of Sindhi Language and Literature,
Shaheed Benazir Bhutto University Shaheed Benazirabad Sindh Pakistan

**Salahudin Keerio**
zainkeerio13442@gmail.com
M.Phil Scholars, Department of Sindhi Language and Literature,
Shaheed Benazir Bhutto University Shaheed Benazirabad Sindh Pakistan

**Naveed Ali**
M.Phil Scholars, Department of Sindhi Language and Literature,
Shaheed Benazir Bhutto University Shaheed Benazirabad Sindh Pakistan

**Corresponding Author: Salahudin Keerio** zainkeerio13442@gmail.com

**Received:** 06-02-2026 **Revised:** 21-02-2026 **Accepted:** 08-03-2026 **Published:** 23-03-2026

## ABSTRACT

*This study explores the attitudes of Sindhi and Urdu-speaking parents toward teaching their mother tongue to their children at Creative Mind School (CMS) Sakrand. Language is not only a means of communication but also a source of cultural identity, social values, and emotional attachment. In multilingual societies like Pakistan, the importance of preserving mother languages has become a significant educational and social concern. The main objective of this research is to examine how parents perceive the role of mother tongue education in their children's learning, personality development, and cultural preservation. The study adopts a qualitative and quantitative approach by collecting data through questionnaires and interviews from Sindhi and Urdu-speaking parents of CMS Sakrand. The research investigates parents' preferences regarding language use at home and school, their opinions about English-medium education, and the challenges they face in teaching their native language to their children. The findings of the study are expected to highlight the growing influence of dominant languages on local languages and the changing attitudes of parents toward mother tongue instruction. This research may help educators, policymakers, and parents understand the importance of promoting multilingual education while preserving linguistic and cultural identity among future generations.*

**Keywords:** *Mother Tongue, Sindhi Language, Urdu Language, Parental Attitudes, Language Education, Multilingualism, Cultural Identity, CMS Sakrand, Language Preservation, Children's Learning, Medium of Instruction, Linguistic Diversity, Parent Perception, Native Language Teaching, Pakistan Education System*

## تعارف

ٻولي معنادار آوازن جو هڪ اهڙو سرشتو آهي، جيڪو ماڻهوءَ جي سوچ کي مخصوص ۽ رٿيل ترتيب وسيلي اُچاري ٻولن جي صورت ۾ ظاهر ڪري ٿو. ٻولي انسان جو هڪٻئي سان لهه وچڙ ۾ اچڻ، سڪڻ سيکارڻ لاءِ، خيالن، سوچن، جذبن ۽ امنگن جي مٽاسٽا جو وسيلو آهي. ٻولي واحد ذريعو آهي جنهن سان انسان پنهنجي آسپاس جي سماج سان خيالن جي ڏي وٺ ڪري ٿو. ماهر لسانيات سپير ايڊورڊ ان ڳالهه سان اتفاق ڪندي چوي ٿو ته :

"ٻولي انسان جي محض غير جبلتي يعني سِکيل يا حاصل ڪيل طريقو آهي، جنهن سان انسان اهڃاڻن جي وسيلي خيال، جذبا ۽ خواهشون پهچائي ٿو "(1)

چمڻ وقت ٻار ڪنهن به ٻوليءَ جا مالڪ ناهن هوندا. ٻار پنهنجي پهرين ٻولي گهر جي ماحول مان سکندا آهن، جيڪا گهڻو ڪري سندن پهرين ٻولي (مادري ٻولي) هوندي آهي. بهرحال، والدين جي ٻي ٻولي (Second Language) جي استعمال سبب ٻارن ۾ ٻه لسانيت (Bilingualism) پيدا ٿيندي آهي، جيڪا ٻنهي ٻولين جي سکيا ۽ مهارت تي اثر انداز ٿيندي آهي. ان ڪري ٻوليون پنهنجي ڳالهائيندڙن سان گهري جذباتي وابستگي رکن ٿيون. Fishman (1991) موجب؛ ”نسل در نسل ٻوليءَ جي منتقلي مان مراد اها آهي ته والدين پنهنجي ٻولي پنهنجي ٻارن تائين منتقل ڪن، خاص طور تي اها ٻولي جيڪا گهر ۾ استعمال ٿئي ٿي، ڇو ته اها ڪنهن به علائقائي ٻوليءَ جي مستقبل جو فيصلو ڪندي آهي“ (2)

(1991) Fishman جي هن ماڊل ۾ ٻه اهم لسانياتي رجحان بيان ڪيا ويا آهن: ٻوليءَ جي بقا (Language Maintenance) ۽ ٻوليءَ جي تبديلي (Language Shift)

ٻوليءَ جي بقا مان مراد ڪنهن زنده ٻوليءَ جي واڌاري ۽ ان جي تحفظ لاءِ ڪوششون ڪرڻ آهي، جڏهن ته ٻوليءَ جي تبديلي مان مراد ڪنهن مخصوص ٻوليءَ جي ڳالهائيندڙن ۾ گهٽتائي اچڻ آهي، جيڪا مختلف سببن جي ڪري ٿيندي آهي. ان ڏس ۾ ڊي ڪلرڪ ۽ بارڪوزين جو چوڻ آهي ته؛ ”ٻوليءَ جي تبديليءَ جو هڪ اهم سبب ٻه لسانيت آهي، ڇو ته ان کانسواءِ ٻوليءَ جي تبديلي ممڪن ناهي “ (3) (De Klerk & Barkhuizen, 2005) .

تنهن هوندي به، مادري ٻوليءَ جي منتقلي کي ٻه لسانيت جي ڪري محدود نه ٿيڻ گهرجي، ڇاڪاڻ ته مادري ٻولي سکڻ هر ٻار جو بنيادي حق آهي ۽ اها ذهني ۽ فڪري صلاحيتن جي تعمير لاءِ انتهائي ضروري آهي .(Zaman et al., 2025) ان حوالي سان، UNESCO 1953ع ۾ ان ڳالهه تي زور ڏنو ته هر ٻار کي پنهنجي مادري ٻوليءَ ۾ ابتدائي تعليم حاصل ڪرڻ جو حق حاصل آهي. ان جي نتيجي ۾ ڪيترن ئي ملڪن، خاص طور ايشيائي ملڪن جهڙوڪ هندستان، چين وغيره گهڻ لساني تعليمي پاليسي اختيار ڪئي پر ان جي ابتڙ، اڄڪلهه ڪيترائي ٻار پنهنجي مادري ٻوليءَ کان پري ٿي رهيا آهن، ڇاڪاڻ ته عالمي دنيا جي ضرورتن، معاشي فائدن، ڪيريئر ۽ پيشاورانه ترقيءَ جي ڪري والدين ٻين ٻولين کي ترجيح ڏين ٿا . نتيجي طور، گهڻا والدين پنهنجي مادري ٻولي ايندڙ نسل تائين منتقل ڪن ٿا، جڏهن ته ڪجهه والدين دنياوي فائدن خاطر پنهنجي ٻوليءَ جي منتقلي کي محدود ڪن ٿا يا مڪمل طور روڪي ڇڏين ٿا، جنهن سبب مقامي ۽ ديسي ٻولين کي غالب ٻولي کايو وڃي.

پاڪستان مختلف علائقن ۽ صوبن ۾ ٻولين جي گهڻائيءَ سبب لسانياتي طور انتهائي مالا مال ملڪ آهي. اردو پاڪستان جي قومي ۽ سرڪاري ٻولي آهي جڏهن ته انگريزي ملڪ جي ٻي سرڪاري ٻولي ۽ تعليمي ذريعو (Medium of Instruction) طور استعمال ٿئي ٿي. اهڙيءَ طرح سنڌي به ملڪ جي اهم علائقائي ٻولين مان هڪ آهي، جيڪا وڏي آباديءَ طرفان ڳالهائي وڃي ٿي ۽ سنڌ جي اسڪولن ۾ پڙهائي وڃي ٿي. تنهن هوندي به، اهي ٻوليون اڃا تائين هڪٻئي سان هم آهنگي پيدا ڪرڻ بدران مقابلي جي صورتحال ۾ موجود آهن.

دلچسپ ڳالهه هي آهي ته ٿيئي ٻوليون تعليمي مقصدن لاءِ استعمال ٿين ٿيون، ۽ ڪنهن حد تائين اهي ٻين ٻولين جي ڳالهائيندڙن جي مادري ٻوليءَ تي ٻه اثرانداز ٿين ٿيون. اڳين تحقيقن مان معلوم ٿئي ٿو ته انگريزي ۽ اردو کي تمام گهڻي اهميت حاصل ٿي چڪي آهي، جڏهن ته ديسي ۽ علائقائي ٻولين جي اهميت کي گهٽايو ويو آهي. هي مطالعو ان لحاظ کان تمام اهم آهي جو اهو ٻوليءَ جي منصوبه بندي (Language Planning) ۾ سنجيده تبديلين جو مطالبو ڪري ٿو، جنهن سان سڀني ٻولين جي متوازن ترقي ۽ ديسي ٻولين ڏانهن مثبت رويو پيدا ٿي سگهي.

ان کان علاوه، اهڙي ڪا خاص تحقيق موجود ناهي جيڪا سنڌي ۽ اردو ڳالهائيندڙ والدين جي پنهنجي مادري ٻولي ٻارن کي سيکارڻ بابت روين کي واضح ڪري. هڪ حوالي Iqbal (2018) (Abbasi et al., 2023). موجب ٻين ٻولين تي ٿيل تحقيق مان اهو ظاهر ٿئي ٿو ته هڪ مضبوط پاليسي ۽ ان جي عملي نفاذ جي سخت ضرورت آهي، ته جيئن ديسي ٻولين کي ٻه مناسب اهميت ڏئي سگهجي.

اردو ۽ ٻين علائقائي ٻولين ۾ انگريزي ٻوليءَ جو تمام گهڻو code-switching ڏسڻ ۾ اچي ٿو. تنهن ڪري پاڪستاني والدين جي مادري ٻوليءَ بابت روين جو تجزيو ڪرڻ انتهائي ضروري آهي. اسان هن ڳالهه جو جائزو وٺون ٿا ته والدين پنهنجي مادري ٻوليءَ بابت ڪهڙو رويو رکن ٿا، اهي پنهنجي ٻارن کي مادري ٻولي سيکارڻ ۾ ڪيتري دلچسپي رکن ٿا، ۽ سڪرنڊ جي اسڪولن

خاص طور تي سي ايم ايس اسڪول ۾ اردو ۽ سنڌي برادري جي مختلف سماجي حالتن ۾ ٻولي چونڊ جا ڪهڙا نمونا آهن. ان کان علاوه، اسان اهو به ڄاڻڻ جي ڪوشش ڪئي آهي ته ڪهڙا عنصر والدين کي مجبور ڪن ٿا ته هو پنهنجي ٻارن سان مادري ٻولي استعمال ڪن يا ٻي ڪا ٻولي اختيار ڪن.

### تحقيق جا مقصد (Research Objectives)

1. والدين جي پنهنجي مادري ٻوليءَ بابت روين جو جائزو وٺڻ.
2. والدين جي پنهنجي ٻارن کي مادري ٻولي سيکارڻ ۾ دلچسپي جي حد کي پرکڻ.
3. ڪراچي ۾ رهندڙ اردو ۽ سنڌي برادري جي مختلف سماجي حالتن ۾ ٻولي چونڊ جي نمونن (patterns) کي سڃاڻڻ.
4. انهن عنصرن جي تحقيق ڪرڻ جيڪي والدين کي پنهنجي مادري ٻولي يا ٻي ٻولي ٻارن سان استعمال ڪرڻ تي ترغيب ڏين ٿا.

### تحقيقي سوال (Research Questions)

1. والدين جو پنهنجي مادري ٻولي بابت ڪهڙو رويو آهي؟
2. والدين پنهنجي ٻارن کي مادري ٻولي سيکارڻ ۾ ڪيتري حد تائين دلچسپي رکن ٿا؟
3. ڪراچي ۾ رهندڙ اردو ۽ سنڌي برادري جي مختلف سماجي حالتن ۾ ٻولي چونڊ جا ڪهڙا نمونا آهن؟
4. ڪهڙا عنصر والدين کي پنهنجي ٻارن سان مادري ٻولي يا ٻي ڪا ٻولي استعمال ڪرڻ تي مجبور يا متاثر ڪن ٿا؟

### ادبي جائزو (Literature Review)

تحقيق مان ظاهر ٿئي ٿو ته پاڪستان جي گهڻائي آبادي ٽي ٻوليون ڳالهائيندڙ (Trilingual) آهي، چوته اهي هڪ ئي وقت گهٽ ۾ گهٽ ٽي ٻوليون ڄاڻن ٿا، جن ۾ سندن مادري ٻولي يعني علائقائي ٻولي، اردو، ۽ انگريزي شامل آهن، جيڪي ملڪ جون قومي ۽ سرڪاري ٻوليون آهن. تنهن ڪري "پاڪستان تقريباً 74 ٻولين سان مالا مال ملڪ آهي، جن ۾ ڇهه وڏيون ۽ ستانوي مقامي ٻوليون شامل آهن" (Panhwar et al., 2019; Rahman, 2002).

جيتوڻيڪ اردو جا مادري ڳالهائيندڙ 8 (L1 speakers) سيڪڙو کان به گهٽ آهن، جيڪي گهڻو ڪري هندستان مان لڏي آيل آهن، پوءِ به ان کي پاڪستان جي قومي ۽ سرڪاري ٻوليءَ جو درجو حاصل آهي ۽ اها لنگوا فرينڪا (lingua franca) طور ڪم ڪري ٿي. هي ٻولي مختلف لساني پسمنظر رکندڙ ماڻهن لاءِ گڏيل رابطي جو ذريعو آهي. اهڙيءَ طرح انگريزي به اڳوڻن نوآبادياتي حڪمرانن جي ٻولي طور سرڪاري ۽ غير ملڪي ٻوليءَ جو درجو رکي ٿي. "پاڪستاني سماج ۾ انگريزي ٻولي کي اشرافيه ۽ پڙهيل لکيل طبقي جي ٻولي سمجهيو وڃي ٿو، جنهن سبب تقريباً 49 سيڪڙو آبادي ان کي ڳالهائي ۽ سمجهي ٿي" (Khan, 2014; Rahman, 2002). بهرحال، پاڪستاني سماج ۾ انگريزي ٻولي لاءِ هڪ خاص قسم جو احترام ۽ حيرت موجود آهي، ڇاڪاڻ ته اها تعليم، قانون، سائنس، ٽيڪنالاجي ۽ تحقيق جي ٻولي طور استعمال ٿئي ٿي. اردو ۽ انگريزي کي "حڪمرانن جون ٻوليون" قرار ڏنئي ٿو. افسوس اهو آهي ته وفاقي ۽ صوبائي سطح جي طاقتور ادارن ۾ ٻين ٻولين کي شامل نه ڪيو ويو آهي، جهڙوڪ سنڌ ۾ سنڌي ٻولي.

Farida (2018) موجب سنڌي پاڪستان جي سڀ کان وڏي علائقائي ٻولي آهي، جيڪا ميڊيا، اخبارن، تحقيقي مواد، ادب، ۽ تعليمي ذريعن ۾ استعمال ٿئي ٿي. سنڌ حڪومت سنڌي ٻولي جي تحفظ لاءِ ان کي تعليم ۾ لازمي قرار ڏنو آهي، خاص طور تي سنڌ جي اندرين علائقن ۾ سنڌي کي تدريسي ٻولي طور به استعمال ڪيو وڃي ٿو. پر شهري علائقن، ۾ صورتحال مختلف ۽ پيچيده آهي.

ڪراچي، سنڌ جو هڪڙو نڍڙو شهر آهي، جتي مختلف لساني ۽ ثقافتي پسمنظر رکندڙ ماڻهو رهن ٿا. هتي ديسي ٻولين جا ڳالهائيندڙ اردو ڳالهائيندڙن کان به وڌيڪ آهن، جن ۾ سنڌي، پنجابي، سرائيڪي، پشتو وغيره شامل آهن. Khan (2014) موجب پاڪستان ۾ علائقائي ٻولين جي زوال جو هڪ اهم سبب اهو غلط تصور آهي ته اهي ٻوليون قومي اتحاد يا اسلامي نظريي سان ٽڪراءُ پيدا ڪن ٿيون. نتيجي طور، شهري علائقن ڏانهن لڏپلاڻ ڪندڙ ماڻهو تعليم، روزگار ۽ ٻين ضرورتن سبب اردو ٻولي اختيار ڪن ٿا (Ali, 2017).

Mansoor (1993) به پنجاب جي صورتحال ۾ اهڙو ئي رجحان بيان ڪري ٿو، جتي سماجي ۽ معاشي سببن جي ڪري انگريزي ۽ اردو ٻولين جو استعمال علائقائي ٻولين کان وڌيڪ ٿي ويو آهي. بهرحال، ٻوليءَ جي چونڊ هميشه هڪجهڙي نه هوندي آهي، پر اها مختلف سماجي حالتن (domains) مطابق تبديل ٿيندي آهي. ٻوليءَ جو استعمال حالتن ۽ سماجي مقصدن تي دارومدار رکي ٿو، جهڙوڪ مذهب، تعليم، خاندان، روزگار ۽ دوستي جا دائرا.

Shah et al. (2022) موجب پاڪستان ۾ ٻوليءَ جي سياست سماجي تڪرارن کي وڌايو آهي، خاص طور سنڌ ۾، جتي سنڌي ٻولي وسيع طور استعمال ٿئي ٿي، سواءِ شهرن جي. ٻوليءَ جي اهڙي چونڊ سان ٻوليءَ جو رويو (Language Attitude) ٺهندو آهي. عام طور تي “Attitud” مان مراد انسان جا احساس، سوچون ۽ رويا آهن. ڪنهن به شخص، صورتحال يا اداري بابت هڪ جائزي وارو ردعمل آهي، جيڪو انساني ذهن ۾ موجود هوندو آهي ۽ اڳين تجربن ۽ سماجي ماحول مان پيدا ٿيندو آهي.

Sim (2012) ۽ Abbasi et al. (2019) موجب ٻوليءَ جو رويو مثبت، منفي يا غير جانبدار ٿي سگهي ٿو. مثبت رويو رکندڙ ماڻهو پنهنجي ٻولي کي پنهنجي سڃاڻپ لاءِ اهم سمجهندا آهن، جڏهن ته منفي رويو رکندڙ ماڻهو ان کي اهميت نٿا ڏين. ٻوليءَ جي روين مان ئي سماج ۾ ٻوليءَ جي حيثيت (prestige) جو اندازو لڳائي سگهجي ٿو. ٻوليءَ جي تبديلي (Language Shift) تڏهن ٿيندي آهي جڏهن ماڻهو پنهنجي مادري ٻولي ڇڏي ٻي ٻولي اختيار ڪن ٿا. هي هڪ اهڙو عمل آهي جنهن ۾ ماڻهو آهستي آهستي پنهنجي ٻوليءَ جا مختلف سماجي استعمال ختم ڪري ڇڏين ٿا، تان جو آخرڪار مڪمل طور ٻي ٻولي اختيار ڪري وٺن ٿا.

مختلف عالمن جي مطالعي مان ظاهر ٿئي ٿو ته ٻوليءَ جي تبديلي هڪ نسل کان ٻئي نسل تائين وڌي ٿي ( Cheng, 2003; David & Caesar, 2009; Wright, 2008; Bodomo et al., 2009). پاڪستان ۾ Abbasi et al. (2019) موجب سنڌي ۽ ٻين علائقائي ٻولين جا ڳالهائيندڙ اردو ۽ انگريزي ڏانهن منتقل ٿي رهيا آهن، جيڪو انهن ٻولين جي بقا لاءِ خطرو آهي. Abbasi et al. (2023) پڻ ٻڌائن ٿا ته نوجوان سنڌي مهاجر شهري ماحول ۾ غالب ٻولين کي ترجيح ڏين ٿا، جنهن جا سبب سماجي، معاشي، سياسي ۽ ثقافتي آهن. اهو رويو مقامي ٻولين جي لاءِ تمام گهڻو خطرناڪ آهي.

## مواد ۽ طريقيڪار(Materials and Methods)

### تحقيق جو خاڪو(Research Design)

هن موجوده تحقيق ۾ **معياري تحقيقي خاڪو (Qualitative Research Design)** اختيار ڪيو ويو آهي.

### ٽارگيٽ آبادي(Targeted Population)

هن تحقيق جي ٽارگيٽ آبادي پاڪستان جي شهر سڪرنڊ ۾ رهندڙ **اردو ڳالهائيندڙ ۽ سنڌي ڳالهائيندڙ والدين** تي مشتمل آهي.

### نموني چونڊڻ جو طريقو(Sampling Technique)

هن تحقيق ۾ **مقصدي نموني چونڊڻ واري طريقي (Purposive Sampling Technique)** کي استعمال ڪيو ويو.

### نموني جو مقدار(Sample Size)

هن تحقيق ۾ مجموعي طور **40 شرڪت ڪندڙ** شامل ڪيا ويا، جن ۾ 20 اردو ڳالهائيندڙ والدين ۽ 20 سنڌي ڳالهائيندڙ والدين شامل هئا.

### ڊيٽا گڏ ڪرڻ جا اوزار(Data Collection Tools)

ڊيٽا گڏ ڪرڻ لاءِ هڪ **کليل سوالن تي ٻڌل سوالنامو (Open-ended Questionnaire)** استعمال ڪيو ويو، جيڪو خاص طور هن تحقيق لاءِ تيار ڪيو ويو هو. هي اوزار Fishman (1991, 1996) جي ٻوليءَ جي بقا ۽ ٻوليءَ جي تبديليءَ واري ماڊل تان اخذ ڪيو ويو، جنهن ۾ ٽن سماجي دائرن اندر ٻوليءَ جي چونڊ تي ڌيان ڏنو ويو آهي.

### ڊيٽا جي تجزيي جا اوزار ۽ طريقيڪار(Data Analysis Tools and Procedure)

ڊيٽا جو تجزيو **Braun ۽ Clarke (2006)** جي موضوعاتي تجزيي (Thematic Analysis) واري فريم ورڪ تحت ڪيو ويو. ان لاءِ **Inductive Coding Approach** استعمال ڪيو ويو، جنهن ذريعي موضوعات (Themes) شرڪت ڪندڙن جي جوابن مان قدرتي نموني ظاهر ٿيا.

**نتيجا(Results)**

سوالنامي ذريعي حاصل ڪيل ڊيٽا جو موضوعاتي انداز ۾ تجزيو ڪيو ويو. ڊيٽا جي تجزيي کان اڳ اردو ڳالهائيندڙ والدين جي شرڪت ڪندڙن کي**UP** ۽ ان سان گڏ نمبر ڏنا ويا، جڏهن ته سنڌي ڳالهائيندڙ والدين جي شرڪت ڪندڙن کي **SP** ۽ ان سان گڏ نمبرن ذريعي سڃاتو ويو.

**موضوع 1: گھر ۾ ڳالهائي ويندڙ ٻولي**

**موضوع 1 جا تفصيل**

| تعداد | گھر ۾ ڳالهائي ويندڙ ٻولي | مادري ٻولي |
|---|---|---|
| 6 | صرف اردو | اردو |
| 3 | صرف انگريزي | اردو |
| 6 | اردو ۽ انگريزي (ڪوڊ مڪسنگ) | اردو |
| 8 | صرف سنڌي | سنڌي |
| 3 | اردو | سنڌي |
| 7 | سنڌي ۽ اردو (ڪوڊ مڪسنگ) | سنڌي |
| 5 | انگريزي ۽ اردو (ڪوڊ مڪسنگ) | سنڌي |
| 2 | صرف انگريزي | سنڌي |

شرڪت ڪندڙن مان ڪيترائي گھر ۾ اردو ۽ انگريزي گڏيل صورت (Code-Mixing) ۾ استعمال ڪن ٿا. انهن جي خيال موجب اهڙي استعمال سان نه رڳو پيغام آسانيءَ سان منتقل ٿئي ٿو، پر ٻار انگريزي لفظن کان به واقف ٿين ٿا . UP 6موجب:

”اسان کي هڪ ئي جملي ۾ اردو ۽ انگريزي گڏ استعمال ڪرڻ جي عادت آهي. مون کي ان ۾ ڪو نقصان نٿو لڳي، ۽ اهڙي طرح منهنجا ٻار انگريزي به سکن ٿا.“

دلچسپ ڳالهه اها آهي ته پنج شرڪت ڪندڙ گھرن ۾ صرف انگريزي ڳالهائين ٿا يا شايد انگريزيءَ کي وڌيڪ اهميت ڏين ٿا. هڪ والدين (UP 10) چيو:

”اسان پنهنجي ٻارن تي تمام گھڻي سيڙپڪاري ڪري رهيا آهيون؛ اهي هڪ اعليٰ اسڪول ۾ پڙهن ٿا. جيڪڏهن اهي رواني سان انگريزي نه ڳالهائي سگهندا ته اسان جون سڀ ڪوششون بيڪار ٿي وينديون.“

ساڳئي طرح هڪ ٻي شرڪت ڪندڙ (UP 8) ٻڌايو:

”منهنجو مڙس چاهي ٿو ته اسان جا ٻار انگريزي ۾ بلڪل مقامي ڳالهائيندڙن جهڙي رواني حاصل ڪن، ڇاڪاڻ ته اسان لنڊن يا ڪينيڊا منتقل ٿيڻ چاهيون ٿا.“

تنهن ڪري اهي والدين پنهنجي ٻارن کي انگريزيءَ ۾ مڪمل مهارت ڏيارڻ کي اهم سمجهن ٿا.

سڪرنڊ ۾ رهندڙ سنڌي ڳالهائيندڙ والدين جي حوالي سان، ويهن شرڪت ڪندڙن مان ڪافي والدين پنهنجي ٻارن سان صرف سنڌي ڳالهائڻ جو اظهار ڪيو پر ڪجهه والدين جو خيال هو ته:

“جيڪڏهن اسين سنڌي ڳالهايون ٿا ته ماڻهو اسان کي گھٽ پڙهيل سمجهن ٿا”

ڪجهه والدين سنڌي ڳالهائڻ دوران پاڻ کي گهٽ اعتماد وارو محسوس ڪن ٿا، تنهن ڪري اهي نٿا چاهين ته سندن ٻار به ساڳئي صورتحال مان گذرن SP 5 .موجب:

”مان نٿي چاهيان ته منهنجا ٻار به هن شهر ۾ اها ئي شرمندگي محسوس ڪن جيڪا مون کي سنڌي ڳالهائڻ سبب برداشت ڪرڻي پوي ٿي.“

بهرحال، سنڌي ۽ اردو جي گڏيل استعمال (Code-Mixing) کي گهڻن سنڌي ڳالهائيندڙ گهرن ۾ عام سمجهيو وڃي ٿو . SP 10موجب:

”اسان جي گهرن ۾ ٻنهي ٻولين جو گڏيل استعمال بلڪل عام ڳالهه آهي.“

ساڳئي طرح SP 18 چيو:

”ٻار پاڻ ئي ائين ڪن ٿا، ڇاڪاڻ ته اهي اهڙي اسڪول ۾ پڙهن ٿا جتي انگريزيءَ جي مشق وڌيڪ ڪرائي وڃي ٿي، تنهن ڪري اهي ٻين ٻولين جي ڀيٽ ۾ انگريزي وڌيڪ استعمال ڪن ٿا، جڏهن ته اسين وڏا ماڻهو رابطي لاءِ سنڌي، اردو ۽ انگريزي ٽئي ٻوليون استعمال ڪريون ٿا.“

هڪ شرڪت ڪندڙ (SP 20) ٻڌايو ته هوءَ پنهنجي ٻارن سان صرف انگريزي ڳالهائي ٿي. سندس چوڻ موجب:

”مان چاهيان ٿي ته منهنجا ٻار ان مخصوص ٻاهرين ملڪن جي يونيورسٽين ۾ داخلا حاصل ڪن، جتي تعليمي قابليت سان گڏ انگريزيءَ تي مڪمل عبور هجڻ لازمي آهي.“

اهڙين حالتن ۾ والدين پنهنجي ٻارن کي مادري ٻولي نه سيکارڻ تي ڪنهن به قسم جو افسوس محسوس نٿا ڪن، ڇاڪاڻ ته انهن جي نظر ۾ وڏا تعليمي ۽ سماجي مقصد وڌيڪ اهم آهن.

**موضوع 2: ٻارن جي رابطي لاءِ پسنديده ٻولي**

**موضوع 2 جا تفصيل**

| تعداد | ٻارن جي پسنديده ٻولي | مادري ٻولي |
|---|---|---|
| 8 | صرف اردو | اردو |
| 2 | صرف انگريزي | اردو |
| 10 | اردو ۽ انگريزي (ڪوڊ مڪسنگ) | اردو |
| 8 | صرف سنڌي | سنڌي |
| 0 | اردو | سنڌي |
| 7 | سنڌي ۽ اردو (ڪوڊ مڪسنگ) | سنڌي |
| 4 | انگريزي ۽ اردو (ڪوڊ مڪسنگ) | سنڌي |
| 1 | صرف انگريزي | سنڌي |

تحقيق مان معلوم ٿيو ته اردو ڳالهائيندڙ ٻار صرف اردو ڳالهائڻ کي ترجيح نٿا ڏين ۽ نه ئي ان جي باقاعده مشق ڪن ٿا. هو گهڻو ڪري اردو ۽ انگريزي کي گڏائي ڳالهائين ٿا ۽ ان طريقي ۾ پاڻ کي وڌيڪ آرامده ۽ بااعتماد محسوس ڪن ٿا UP 02 .موجب:

”اڄڪلهه اردو ۽ انگريزي گڏ استعمال ڪرڻ عام ڳالهه آهي.“

ساڳئي طرح UP 12 چيو:

”اسان صرف اردو استعمال نٿا ڪري سگهون، ڇوته اسان کي خالص اردو گهڻي نٿي اچي، پر اهڙي طرح ڪم هلي وڃي ٿو.“

ان کان علاوه، ٻن شرڪت ڪندڙن ٻڌايو ته اهي پنهنجي ٻارن سان صرف انگريزي ڳالهائين ٿا، ۽ سندن ٻار به ساڳي ٻولي اختيار ڪن ٿا، ڇاڪاڻ ته:

”اسان جا پنهنجا مقصد آهن، جهڙوڪ ڪنهن انگريزي ڳالهائيندڙ ملڪ ڏانهن لڏپلاڻ.“

تنهن ڪري چئي سگهجي ٿو ته اهڙن خاندانن ۾ انگريزي گهر ۽ خاندان جي بنيادي ٻولي بڻجي چڪي آهي UP 14 .موجب:”اسان جي سماجي دائري ۾ ماڻهو انگريزي ڳالهائين ٿا، ۽ اها هڪ اسٽيٽس سمبل به آهي. “

ان ڪري اهي به پنهنجي سماجي ماحول مطابق انگريزيءَ کي ترجيح ڏين ٿا.

سنڌي ڳالهائيندڙ ٻارن جي حوالي سان، ويهن مان اٺ شرڪت ڪندڙن ٻڌايو ته سندن ٻار گهر ۾ سنڌي ڳالهائين ٿا، جڏهن ته اٺ خاندانن جا ٻار سنڌي ۽ اردو گڏ استعمال ڪن ٿا4 SP .، جنهن جا ٻار 11 ۽ 13 سالن جا آهن، ٻڌائي ٿو: ” اهي سنڌي سمجهن ٿا، پر پاڻ اردو سان گڏ انگريزي ڳالهائڻ کي ترجيح ڏين ٿا.“

هڪ ٻئي شرڪت ڪندڙ ٻڌايو: ”منهنجي زال نٿي چاهي ته منهنجا ٻار سنڌي ڳالهائين.“

هي خيال بين الثقافتي شاديءَ سان لاڳاپيل آهي، جتي پيءُ سنڌي ڳالهائيندڙ آهي، جڏهن ته زال اردو ڳالهائيندڙ آهي؛ تنهن ڪري ٻار سنڌي سمجهن ٿا، پر ڳالهائين نٿا.

SP 8موجب:”روزمره جي گفتگو ۾ اسان جي گهر ۾ سنڌي ڳالهائي وڃي ٿي، پر جڏهن ٻارن کي پڙهايون ٿا ته اردو ۽ انگريزي استعمال ڪندا آهيون. “ هتي ٻوليءَ جي تبديلي (switching) جو مقصد ٻارن لاءِ تعليمي موضوعن کي وڌيڪ سمجهڻ لائق بڻائڻ آهي.

تعليم کان علاوه، ڪوڊ مڪسنگ جو هڪ ٻيو اهم سبب سماجي رابطن کي آسان بڻائڻ آهي. جڏهن سنڌي ڳالهائيندڙ خاندان پنهنجي ڳوٺ يا اباڻي علائقي ۾ وڃن مائٽن، جهڙوڪ والدين يا ڏاڏن سان ملن ٿا ته ٻارن کان سنڌي ڳالهائڻ جي اميد ڪئي وڃي ٿي، ۽ اهي ڪنهن حد تائين ائين ڪن ٿا. بهرحال، اهڙن ٻارن لاءِ بهتر رابطي خاطر ڪوڊ مڪسنگ اهم سهارو بڻجي ٿي.

SP 5موجب:” ڳوٺ ۾ منهنجا ٻار منهنجي والدين سان سنڌي ڳالهائين ٿا، جڏهن ته منهنجن پائرن پينرن سان سنڌي ۽ اردو گڏائي ڳالهائين ٿا. “

تنهن ڪري نتيجن مان ظاهر ٿئي ٿو ته جيتوڻيڪ سنڌي ڳالهائيندڙ ٻار پنهنجي مادري ٻوليءَ سان سڌيءَ طرح گهڻو وابسته آهن، هو ايتري چاڻ رکن ٿا جو انهن ماڻهن سان رابطي لاءِ سنڌي استعمال ڪن، جيڪي صرف پنهنجي مادري ٻولي ڳالهائڻ کي ترجيح ڏين ٿا.

بهرحال، SP 20دعويٰ ڪئي:” منهنجي ٻار جي پهرين ٻولي انگريزي آهي.“

اهڙن خاندانن ۾، جتي گهر ۾ انگريزي کان سواءِ ٻي ڪا ٻولي استعمال نٿي ڪئي وڃي، اتي ٻار به صرف انگريزي ڳالهائڻ جا عادي بڻجي وڃن ٿا.

**موضوع 3: ٻارن پاران مادري ٻوليءَ ۾ ادب پڙهڻ**

ACADEMIA International Journal for Social Sciences
Volume 5, Issue 3(s8), 2026 ISSN-L (Online): 3006-6638

موضوع 3 جا تفصيل

| تعداد | ٻارن جي پڙهڻ لاءِ پسنديده ٻولي | مادري ٻولي |
|---|---|---|
| 12 | صرف اردو | اردو |
| 3 | صرف انگريزي | اردو |
| 5 | اردو ۽ انگريزي (ٻئي) | اردو |
| 10 | صرف سنڌي | سنڌي |
| 4 | صرف اردو | سنڌي |
| 3 | سنڌي ۽ اردو (ٻئي) | سنڌي |
| 2 | انگريزي ۽ اردو (ٻئي) | سنڌي |
| 3 | صرف انگريزي | سنڌي |
| 8 | سنڌي، انگريزي ۽ اردو | سنڌي |

هن ڊيٽا مان ظاهر ٿئي ٿو ته اردو ڳالهائيندڙ ٻار اردو ۽ انگريزي ادب پڙهڻ کي وڌيڪ ترجيح ڏين ٿا. ويهن مان ٻارهن شرڪت ڪندڙن ٻڌايو ته: ”سندن ٻار اردو ادب يا ڪتاب پڙهن ٿا.“(UP 2)

ڪجهه والدين جو چوڻ هو ته: ”انهن لاءِ اردو پڙهڻ ڏکيو آهي.“(UP 8)

۽ ڪجهه موجب: ”انهن کي اردو ۾ ڪا دلچسپي ناهي.“(UP 15)

اڪثر والدين تقريباً ساڳئي قسم جا جواب ڏنا. بهرحال، فقط پنج شرڪت ڪندڙن ٻڌايو ته سندن ٻار اردو ۽ انگريزي ٻنهي ٻولين جو ادب پڙهن ٿا.

UP 13موجب:”مان پنهنجي ننڍپڻ ۾ اردو ڪهاڻيون پڙهڻ جو شوقين هوس، تنهن ڪري منهنجا ٻار به ائين ڪن ٿا، پر اهي اردو ۽ انگريزي ٻنهي ٻولين جا ڪتاب ۽ اخبارون پڙهن ٿا. “

هڪ ٻي شرڪت ڪندڙ ٻڌايو ته سندس ٻار اردو پڙهن ٿا، پر صرف تڏهن جڏهن والدين يا اسڪول جا استاد انهن کي مجبور ڪن: ”جڏهن استاد کين پڙهڻ جو ڪم ڏين ٿا يا اسين انهن کي اردو ڪتاب پڙهڻ لاءِ چوندا آهيون، تڏهن اهي پڙهن ٿا، پر پنهنجي مرضيءَ سان ڪڏهن به اردو نٿا پڙهن.“

ٻئي طرف، اٺ سنڌي ڳالهائيندڙ والدين ٻڌايو ته سندن ٻار سنڌي، انگريزي ۽ اردو ادب پڙهن ٿا SP 18 .موجب:”اسڪول هر روز کين پڙهڻ جو ڪم ڏئي ٿو، تنهن ڪري چاهين يا نه چاهين، کين پڙهڻو پوي ٿو. “

SP 10موجب:”اهي سڀني مضمونن جا درسي ڪتاب پڙهن ٿا“

بهرحال، صرف ٽن والدينن ٻڌايو ته سندس ٻار اردو ۽ سنڌي ادب پڙهن ٿا. هنن جو چوڻ هو: ” اسڪولن ۾ ٻارن جي سنڌي انگريزيءَ کان گهڻي بهتر هوندي آهي، تنهن ڪري هو سنڌي وڌيڪ سٺي نموني پڙهي وٺن ٿا.“

**موضوع 4: ٻارن جي چوڻين ۽ پهاڪن جي سمجهه ۽ استعمال**

ACADEMIA International Journal for Social Sciences
Volume 5, Issue 3(s8), 2026 ISSN-L (Online): 3006-6638

**موضوع 4 جا تفصيل**

| تعداد | چوڻين ۽ پهاڪن جي سمجهه ۽ استعمال | مادري ٻولي |
|---|---|---|
| 5 | صرف اردو | اردو |
| 2 | صرف انگريزي | اردو |
| 15 | اردو ۽ انگريزي (ٻئي) | اردو |
| 11 | صرف سنڌي | سنڌي |
| 0 | صرف اردو | سنڌي |
| 11 | سنڌي ۽ اردو (ٻئي) | سنڌي |
| 3 | انگريزي ۽ اردو (ٻئي) | سنڌي |
| 0 | صرف انگريزي | سنڌي |
| 5 | اردو، سنڌي ۽ انگريزي | سنڌي |

شرڪت ڪندڙن کان حاصل ڪيل ڊيٽا اهڙن خاندانن سان لاڳاپيل هئي، جتي ٻار ننڍپڻ کان ئي اسڪول وڃن ٿا ۽ والدين به سٺي تعليمي قابليت رکن ٿا. گهڻن اردو ڳالهائيندڙ والدين جو خيال هو ته سندن ٻار اردو ۽ انگريزي ٻنهي ٻولين جون چوڻيون ۽ پهاڪا ڄاڻن ٿا، ڇاڪاڻ تہ اهي اسڪول ۾ سکيا وڃن ٿا.(UP 10, UP 4, UP 12, UP 15, UP 16)

صرف ٻن والدين جو خيال هو ته سندن ٻار صرف انگريزي ٻوليءَ جون چوڻيون ۽ پهاڪا ڄاڻن ٿا، ڇاڪاڻ تہ يا ته اهي گهر ۾ صرف انگريزي ڳالهائين ٿا. ان کان علاوه، گهٽ عمر وارا ٻار ڪنهن به ٻوليءَ جي چوڻين يا پهاڪن کان واقف ناهن، ڇاڪاڻ ته نه اسڪول ۾ انهن کي اهڙيون شيون سيکاريون وڃن ٿيون ۽ نه ئي والدين روزمره جي گفتگو ۾ انهن جو استعمال ڪن ٿا . UP 3موجب:”منهنجا ٻار اهڙيون شيون نٿا ڄاڻن. “

سنڌي ڳالهائيندڙ پنج والدين موجب سندن ٻار سنڌي، انگريزي ۽ اردو ٽنهي ٻولين جون چوڻيون ۽ پهاڪا ڄاڻن ٿا SP 6 .ٻڌائي ٿو:”جيتوڻيڪ اسين هر وقت سنڌي نٿا ڳالهايون، پر اسين سنڌي، اردو ۽ انگريزيءَ جون چوڻيون ۽ پهاڪا استعمال ڪندا آهيون، جيڪي ٻارن اسڪول مان به سکيا آهن. “

ساڳئي طرح SP 10 موجب: ”اسين گهر ۾ سنڌي ۽ اردو ڳالهائيندا آهيون، تنهن ڪري انهن ٻولين جون چوڻيون به استعمال ڪندا آهيون.“

دلچسپ ڳالهه اها آهي ته ٽي سنڌي ڳالهائيندڙ خاندانن جا ٻار صرف انگريزي ۽ اردو جون چوڻيون ۽ پهاڪا ڄاڻن ٿا، ڇاڪاڻ تہ يا ته گهر ۾ سنڌي گهٽ ڳالهائي ويندي آهي(SP 20) ، يا والدين پنهنجي ٻارن سان اهڙيون لسانياتي شيون استعمال نٿا ڪن (SP 12)تنهن هوندي به، ٻار اسڪول ۾ چوڻيون ۽ پهاڪا سکي وڃن ٿا.

ان کان علاوه، ٻارنهن خاندانن جا ٻار سنڌي ۽ اردو ٻنهي ٻولين جون چوڻيون ۽ پهاڪا استعمال ڪن ٿا. اهي ٻار اهڙن خاندانن سان تعلق رکن ٿا، جتي والدين مختلف ٻولين ۽ ثقافتن سان لاڳاپيل آهن SP 17 .موجب: ”اسين گهر ۾ سنڌي ڳالهائيندا آهيون، ۽ هو اسڪول مان اردو سکي ٿو.“

جڏهنته SP 8 چيو: ”منهنجن ٻارن ٿوري سنڌي پنهنجي ڏاڏين ڏاڏن کان سکي آهي، ڇو ته اسين گهر ۾ انهن سان صرف اردو ڳالهائيندا آهيون، ڇاڪاڻ ته منهنجي زال اردو ڳالهائيندڙ آهي.“

**موضوع 5: ڪم جي جڳهن ۽ عوامي هنڌن (شاپنگ مالز، ريسٽورنٽس، پارڪ وغيره) ۾ ٻارن سان ڳالهائڻ لاءِ پسنديده ٻولي**

ACADEMIA International Journal for Social Sciences
Volume 5, Issue 3(s8), 2026 ISSN-L (Online): 3006-6638

موضوع 5 جا تفصيل

| تعداد | عوامي هنڌن تي استعمال ٿيندڙ ٻولي | مادري ٻولي |
|---|---|---|
| 9 | صرف اردو | اردو |
| 2 | صرف انگريزي | اردو |
| 10 | اردو ۽ انگريزي (ٻئي) | اردو |
| 8 | صرف سنڌي | سنڌي |
| 7 | صرف اردو | سنڌي |
| 4 | سنڌي ۽ اردو (ٻئي) | سنڌي |
| 5 | انگريزي ۽ اردو (ٻئي) | سنڌي |
| 2 | صرف انگريزي | سنڌي |
| 2 | اردو، سنڌي ۽ انگريزي (ڪوڊ مڪسنگ) | سنڌي |

ڊيٽا مان ظاهر ٿئي ٿو ته اردو ڳالهائيندڙن ۾ ڪوڊ مڪسنگ (Code-mixing) سڀ کان وڌيڪ عام رابطي جو طريقو آهي. ويهن مان ڏهه شرڪت ڪندڙ خاندانن جو چوڻ آهي ته هو انگريزي ۽ اردو گڏجي جملا ٺاهي استعمال ڪن ٿا، ۽ ان تي فخر محسوس ڪن ٿا، ڇاڪاڻ ته سندن خيال ۾ اها ٻولي پڙهيل لکيل ۽ مهذب سماج جي علامت آهي UP 8 .موجب:"اسين اڪثر اردو ۽ انگريزي گڏ استعمال ڪندا آهيون."

UP 2موجب:"گهڻا ماڻهو اردو ۽ انگريزي گڏ استعمال ڪن ٿا، ۽ اهو سٺو محسوس ٿيندو آهي."

UP 12پڻ چيو:"اسين اردو ۾ انگريزي ملائي ڳالهائيندا آهيون. "

ٻن شرڪت ڪندڙن جو چوڻ هو ته هو عوامي هنڌن تي انگريزي استعمال ڪن ٿا، ڇاڪاڻ ته ان سان کين عزت ملي ٿي UP . 15موجب:"انگريزي ڳالهائڻ سان عزت ملي ٿي."

UP 6موجب:"انگريزي ڳالهائڻ سان ماڻهو وڌيڪ عزت ۽ توجهه ڏين ٿا."

UP 20به چيو:"عوامي هنڌن تي انگريزي ڳالهائڻ سان سڀني جي توجهه ۽ عزت ملي ٿي."

اهو عام خيال بڻجي چڪو آهي ته جيڪڏهن ڪو ماڻهو عوامي هنڌن تي انگريزي ڳالهائي ٿو ته ان کي وڌيڪ عزت ۽ اهميت ڏني وڃي ٿي UP 15 .ٻڌايو ته ريسٽورنٽ ۾ جيڪڏهن هو ويٽر سان انگريزي ۾ ڳالهائين ٿا ته کين وڌيڪ ترجيح سان خدمت ملي ٿي. تنهن ڪري ڪيترائي ماڻهو عوامي هنڌن تي انگريزي کي ترجيح ڏين ٿا.

هڪ شرڪت ڪندڙ (UP 3) صرف اردو استعمال ڪري ٿو: "منهنجو خاندان هر هنڌ اردو ڳالهائي ٿو، اها اسان جي ٻولي آهي."

سنڌي ڳالهائيندڙن جي حوالي سان، ست شرڪت ڪندڙن چيو ته هو عوامي هنڌن تي سنڌي ڳالهائين ٿا، ڇاڪاڻ ته ان سان هو ماحول سان آسانيءَ سان مطابقت پيدا ڪن ٿا(SP 18) ، پاڻ کي سنڌ جا رهواسي محسوس ڪن ٿا(SP 6) ، ۽ ماڻهن سان رابطي ۾ وڌيڪ سمجهه پيدا ٿئي ٿي.(SP 10)

SP 5موجب: "ڪراچي ۾ يا ڪنهن ٻي عوامي جڳهن يا عوامي هنڌن تي سنڌي ڳالهائيندا‌سين ته ماڻهو اسان ڏانهن عجيب نظر سان ڏسن ٿا، جنهن سان اسان کي بي آرامي محسوس ٿئي ٿي، تنهن ڪري اسين سنڌي استعمال ڪرڻ کان پاسو ڪريون ٿا."

ان کان علاوه، ڪيترائي سنڌي ڳالهائيندڙ انگريزي ۽ اردو گڏ استعمال ڪن ٿا، جيئن مٿي جدول ۾ ظاهر آهي.

نتيجي طور، چئي سگهجي ٿو ته اردو ۽ سنڌي ڳالهائيندڙ ٻئي گروهه حالتن، ماڻهن ۽ هنڌن مطابق ٻولي تبديل ڪن ٿا، جنهن جو مقصد آساني، سماجي قبوليت، ۽ طاقت ۽ حيثيت کي برقرار رکڻ آهي-

**موضوع 6: والدين پاران ڪم جي جڳهه تي رابطي لاءِ پسنديده ٻولي**

موضوع 6 جا تفصيل

| تعداد | ڪم جي جڳهه تي استعمال ٿيندڙ ٻولي | مادري ٻولي |
|---|---|---|
| 4 | صرف اردو | اردو |
| 2 | صرف انگريزي | اردو |
| 14 | اردو ۽ انگريزي (ٻئي) | اردو |
| 8 | صرف سنڌي | سنڌي |
| 2 | صرف اردو | سنڌي |
| 7 | سنڌي ۽ اردو (ٻئي) | سنڌي |
| 3 | انگريزي ۽ اردو (ٻئي) | سنڌي |
| 0 | صرف انگريزي | سنڌي |
| 5 | اردو، سنڌي ۽ انگريزي (ٽيئي) | سنڌي |

ڪم جي جڳهه تي 14 اردو ڳالهائيندڙ والدين ڪوڊ مڪسنگ استعمال ڪن ٿا، ڇاڪاڻ ته؛

”هر ڪو اهڙي ئي طريقي سان ڳالهائي ٿو.“(UP1, UP3, UP5, UP9)

UP 7موجب: ”اهو آسان ۽ سمجهه ۾ ايندڙ طريقو آهي.“

UP 10۽ UP 13 موجب: ”جيڪڏهن اسان 100 سيڪڙو انگريزي نٿا ڳالهائي سگهون ته ماڻهو اسان کي نٿا سمجهن، تنهن ڪري اسين اردو ۽ انگريزي گڏ استعمال ڪريون ٿا.“

نتيجا ڏيکارين ٿا ته ڪم جي جڳهه تي ماڻهو انگريزي استعمال ڪرڻ کي ترجيح ڏين ٿا، پر جيڪڏهن اداري جي ثقافت انگريزي ڳالهائڻ جي نه هجي ته ماڻهو پاڻ کي ان مطابق ترتيب ڏين ٿا ۽ گهڻو ڪري ڪوڊ مڪسنگ يا ڪوڊ سوئچنگ ڪن ٿا. ان جي برعڪس، فقط 2 شرڪت ڪندڙ ڪم جي جڳهه تي صرف انگريزي ڳالهائين ٿا UP 18 .موجب: ”طاقت واري پوزيشن انگريزي گهري ٿي.“

UP 15موجب: ”منهنجي ڪم جي جڳهه تي انگريزي رابطي جي ٻولي آهي.“

ديٽا مان ظاهر ٿئي ٿو ته جيڪي ماڻهو ملٽي نيشنل ادارن ۾ ڪم ڪن ٿا يا اعليٰ عهدي تي آهن، اهي پنهنجي اختيار ۽ حيثيت برقرار رکڻ لاءِ انگريزي استعمال ڪرڻ تي مجبور ٿين ٿا. دلچسپ ڳالهه اها آهي ته صرف 4 شرڪت ڪندڙن چيو ته هو ڪم جي جڳهه تي صرف اردو استعمال ڪن ٿا UP 14 .موجب:

”مان اردو ٽيچر آهيان، تنهن ڪري شاگردن ۽ ساٿين سان اردو ۾ ئي ڳالهائيندو آهيان.“

UP 14 وڏيڪ چيو: ”منهنجي آفيس ۾ گهڻا ماڻهو سنڌي برادري سان تعلق رکن ٿا، تنهن ڪري اسان اردو استعمال ڪريون ٿا، پر سرڪاري ڪاتن ۾ سنڌي استعمال ڪرڻ سان ڪم آسان ٿي وڃي ٿو.“

هي ڳالهه ظاهر ڪري ٿي ته هڪ ئي ٻولي ڳالهائيندڙ ماڻهو هڪ ٻئي جي مدد به ڪن ٿا ۽ گڏيل لساني سڃاڻپ جي بنياد تي سهڪار پيدا ٿئي ٿو.

سنڌي ڳالهائيندڙ شرڪت ڪندڙ ڪم جي جڳهه تي صرف سنڌي استعمال ڪن ٿا. جڏهن ته 2 شرڪت ڪندڙن چيو ته هو اردو استعمال ڪن ٿا، ڇاڪاڻ ته هرڪو اردو سمجهي ٿو.

7 شرڪت ڪندڙن چيو ته هو سنڌي ۽ اردو ٻئي استعمال ڪن ٿا.

3 سنڌي ڳالهائيندڙ شرڪت ڪندڙ ڪم جي جڳهه تي انگريزي ۽ اردو استعمال ڪن ٿا، ڇاڪاڻ ته:

SP 9 موجب:”انگريزي ۽ اردو ڳالهائڻ سان ماڻهو متاثر ٿين ٿا ۽ طاقت جو احساس ملي ٿو.“

SP 19 موجب: ”اهڙي ٻولي مون کي وڌيڪ سمجهه ۾ ايندڙ بڻائي ٿي.“

SP 6 موجب: ”منهنجي عهدي جي گهرج به اها ئي آهي.“

SP 18 موجب: ”انهن ٻولين (انگريزي ۽ اردو) سان مان پاڻ کي وڌيڪ پڙهيل لکيل محسوس ڪريان ٿو.“

5 شرڪت ڪندڙن ڪم جي جڳهه تي سنڌي، اردو ۽ انگريزي ٽيئي ٻوليون استعمال ڪرڻ جو اظهار ڪيو.

SP 8 موجب: ”مان سنڌي سنڌي ڳالهائيندڙ ساٿين سان، اردو اردو ڳالهائيندڙن سان، ۽ انگريزي مڪس آفيسر ۽ سينيئرز سان استعمال ڪندو آهيان.“

نتيجا ڏيکارين ٿا ته ڪجهه سنڌي ڳالهائيندڙ ماڻهو اردو طرف مائل آهن ۽ ان کي تعليم يافته ماڻهن جي ٻولي سمجهن ٿا. ساڳئي وقت ڪجهه سنڌي ڳالهائيندڙ انگريزي کان به متاثر آهن ۽ ان کي طاقت ۽ اختيار جي علامت سمجهن ٿا. اهڙيءَ طرح، اردو ڳالهائيندڙن وانگر ڪجهه سنڌي ڳالهائيندڙ به انگريزي کي اعليٰ عهدي ۽ حيثيت جي ٻولي سمجهن ٿا ۽ ان جي استعمال کي لازمي سمجهن ٿا.

## بحث(DISCUSSIONS)

هن تحقيق جا نتيجا سڪرنڊ ۾ رهندڙ سنڌي ۽ اردو ڳالهائيندڙ والدين جي لساني روين (linguistic attitudes) ۽ ٻوليءَ جي استعمال جي پيچيده حالتن کي واضح ڪن ٿا، خاص طور تي سندن مادري ٻولي جي ٻارن ڏانهن منتقلي جي حوالي سان. ڊيٽا جي تجزيي مان اهم نمونا سامهون آيا آهن، جيڪي ٻوليءَ جي ترجيحن، عادتن ۽ محرڪن کي سمجهڻ ۾ مدد ڏين ٿا.

تحقيق مان ظاهر ٿيو ته والدين مختلف سماجي دائرن ۾ ٻوليءَ جي چونڊ ۾ مختلف رويي اختيار ڪن ٿا، جيڪو تعليمي خواهشن، سماجي ترقي، ثقافتي ورثي ۽ سماجي معيارن بابت سوچن تي ٻڌل آهي. جتي اردو ڳالهائيندڙ والدين تعليمي ۽ پيشه ورانه ڪاميابي لاءِ انگريزي مهارت کي ترجيح ڏين ٿا، اتي سنڌي ڳالهائيندڙ والدين ثقافتي تنوع ۽ ٻوليءَ جي ورثي جي حفاظت تي زور ڏين ٿا، ۽ پنهنجي ٻارن کي سنڌي محاورا ۽ اصطلاح سيکارڻ جي ڪوشش ڪن ٿا، گڏوگڏ اردو ۽ انگريزي به استعمال ڪرائين ٿا، جيڪي ٻار اسڪول ۽ گهر ٻنهي هنڌن تي سکن ٿا.

ڊيٽا مان ظاهر ٿيو ته ٻارن جون ٻوليءَ جون ترجيحون تعليمي ماحول، سماجي گروهن ۽ مختلف ٻولين سان لاڳاپيل آساني يا ڏکيائي جي تصورن کان متاثر ٿين ٿيون. ان جو مطلب آهي ته سنڌي ۽ اردو ڳالهائيندڙ ٻنهي گروهن وٽ مخصوص سماجي، ثقافتي ۽ تعليمي حالتن مطابق ٻولي چونڊڻ جا مختلف طريقا موجود آهن، اردو ڳالهائيندڙ ٻار گهڻو ڪري پڙهڻ لاءِ انگريزي کي ترجيح ڏين ٿا، ڇاڪاڻ ته اها اشرافيه جي علامت، سٺن اسڪولن، سٺين نوڪرين ۽ سماجي عزت سان جڙيل سمجهي وڃي ٿي جڏهن ته سنڌي ڳالهائيندڙ سڪرنڊ ۾ رهندي ڪنهن قدر اردو استعمال ڪن ٿا ته جيئن پاڻ کي شهر جي سماجي ماحول سان هم آهنگ ڪري سگهن يا ٻين ماڻهن لاءِ سمجهڻ لائق بڻجي سگهن . البته پنهنجي اباڻي علائقن ۾ هو سنڌي ٻولي ٻيهر استعمال ڪن ٿا. سنڌي ڳالهائيندڙ ٻار گهڻ ٻولين واري ماحول سبب رابطي ۽ پڙهائي ۾ وڌيڪ لساني صلاحيتون رکن ٿا، جتي هو سنڌي، اردو ۽ انگريزي مختلف حالتن ۾ استعمال ڪندا رهن ٿا.

تحقيق ڏيکاريو ته ٻنهي گروهن جا والدين عوامي ۽ پيشه ورانه ماحول ۾ ڪوڊ سوئچنگ ۽ ڪوڊ مڪسنگ ڪن ٿا، جنهن جا سبب وضاحت، سماجي معيارن جي پيروي ۽ پيشه ورانه گهرجون آهن. هي عمل ڏيکاري ٿو ته گهڻ ٻولين واري سماج ۾ ٻولي جو

استعمال مسلسل بدلجندڙ ۽ موافق آهي. خاص طور تي انگريزي ٻولي ڪاروباري ۽ سرڪاري ڪم ۾ طاقت ۽ ڪاميابي جي علامت طور ڏٺي وڃي ٿي، خاص ڪري اردو ڳالهائيندڙ والدين ۾.

ڊيٽا مان اهو به ظاهر ٿيو ته اسڪول ٻارن جي ٻولي چونڊ ۾ اهم ڪردار ادا ڪن ٿا. جتي اسڪولن ۾ انگريزي تي زور ڏنو وڃي ٿو، اتي ٻار به ان طرف مائل ٿين ٿا UP 2, UP 8 ۽ UP 15 موجب، ٻارن اسڪولن ۾ انگريزي ۽ اردو جا محاورا ۽ پهاڪا سکيا آهن. ساڳئي طرح سنڌي ڳالهائيندڙ والدين به تسليم ڪن ٿا ته سندن ٻار اسڪول جي نصاب مطابق انگريزي ۽ اردو ادب پڙهن ٿا (SP 17, SP 18, SP 10). تنهن ڪري تعليمي پاليسيون ٻارن جي ٻوليءَ جي ترجيحن ۽ خواندگيءَ جي رويي کي ترتيب ڏيڻ ۾ اهم ڪردار ادا ڪن ٿيون. ان سان گڏ گهڻ ٻولين کي هٿي ڏيڻ، ثقافتي ورثي جي حفاظت ۽ سماجي-اقتصادي فرقن کي گهٽائڻ ضروري آهي.

نتيجا اهو ظاهر ڪن ٿا ته ٻوليءَ جو استعمال فردي ۽ سماجي ٻنهي عنصرن کان متاثر ٿئي ٿو. ماڻهو اڪثر سماجي معيارن، طاقت جي توازن ۽ سڃاڻپ جي بنياد تي ٻولي چونڊين ٿا، جيڪو Fishman (1991) جي ماڊل سان به هم آهنگ آهي. ٻوليءَ جي بقا (maintenance) ۽ تبديلي (shift) جا رجحان پڻ هن تحقيق ۾ واضح طور ڏٺا ويا آهن.

نتيجن جي بنياد تي اهو ضروري آهي ته مقامي ٻولين جي واڌاري لاءِ اعلي سطح تي ڪوششون ڪيون وڃن ته جيئن اهي ٻوليون عالمي دنيا ۾ به زنده رهن. تعليمي ادارن کي گهرجي ته گهڻ ٻولين واري تعليم کي هٿي ڏين، لساني اهميت کي تسليم ڪن، ۽ ماڻهن کي مختلف ٻولين کي عزت سان استعمال ڪرڻ جي صلاحيت ڏين.

نتيجي طور، هي تحقيق سڪرنڊ جي والدين ۾ ٻوليءَ جي روين ۽ استعمال جي پيچيده حقيقتن کي سمجهڻ ۾ اهم ڪردار ادا ڪري ٿي. اها ٻولي، ثقافت، تعليم ۽ سڃاڻپ جي لاڳاپن کي واضح ڪري ٿي ۽ ڏيکاري ٿي ته گهڻ ٻولين وارن سماجن ۾ لساني تنوع کي سمجهڻ ۽ هٿي ڏيڻ سماجي هم آهنگي، ثقافتي تحفظ ۽ گڏيل احترام لاءِ انتهائي ضروري آهي.

## نتيجو (CONCLUSION)

هي تحقيق سڪرنڊ ۾ رهندڙ سنڌي ۽ اردو ڳالهائيندڙ والدين جي ٻوليءَ بابت روين ۽ ٻوليءَ جي منتقلي (language transmission)جي پيچيده حالتن کي واضح ڪري ٿي. نتيجن مان ظاهر ٿيو ته اردو ڳالهائيندڙ خاندان تعليمي ۽ پيشه ورانه ڪاميابي لاءِ انگريزي کي ترجيح ڏين ٿا، جڏهن ته سنڌي ڳالهائيندڙ والدين ثقافتي ورثي جي حفاظت تي زور ڏين ٿا ۽ ساڳئي وقت اردو ۽ انگريزي کي حڪمت عملي طور استعمال ڪن ٿا. ٻارن جون ٻوليءَ جون ترجيحون اسڪولن، ساٿين (peers) ۽ ٻوليءَ جي عملي فائدي بابت سوچن کان متاثر ٿين ٿيون، جنهن سبب سنڌي ڳالهائيندڙ ٻار گهڻ ٻولين واري (multilingual) صلاحيت رکن ٿا.

هي تحقيق واضح ڪري ٿي ته ٻوليءَ جو استعمال سڃاڻپ، سماجي معيارن ۽ طاقت جي لاڳاپن کي ظاهر ڪري ٿو، جيڪو Fishman (1991)جي ٻوليءَ جي بقا ۽ تبديلي واري ماڊل سان مطابقت رکي ٿو. هي تحقيق اهڙين تعليمي پاليسين ۽ ڪميونٽي سطح جي ڪوشش جي ضرورت تي زور ڏئي ٿي، جيڪي هڪ طرف مادري ٻولين جي بقا کي يقيني بڻائين ۽ ٻئي طرف گهڻ ٻولين واري تعليم، ثقافتي تحفظ ۽ سماجي شموليت کي هٿي ڏين، خاص طور تي پاڪستان جي گهڻ لساني سماج ۾.

---

## اثرات / سفارشون(IMPLICATIONS)

1. مستقبل ۾ تحقيقن کي بين النسلي (intergenerational) ڪوڊ مڪسنگ جي وڌيڪ تفصيلي مطالعي تي ڌيان ڏيڻ گهرجي.
2. والدين کي گهرجي ته هو پنهنجي ٻارن ۾ متوازن گهڻ ٻولين واري استعمال (balanced multilingual use) کي هٿي ڏين.
3. نصاب (curriculum) ۾ مادري ٻولين کي وڌيڪ مضبوط طور شامل ڪيو وڃي.
4. سنڌ حڪومت کي سنڌي ميڊيا جي واڌاري ۽ پاليسين جي جائزي تي ڌيان ڏيڻ گهرجي.

## حوالا

1. Sapir Edward “Language” (An Introduction to the Study of Speech), Harcourt, 1949, P.07

2. Fishman, J. A. (1991). *Reversing language shift: Theoretical and empirical foundations of assistance to threatened languages*. Multilingual Matters.

3. De Klerk, V., & Barkhuizen, G. (2005). Language attitudes in multilingual settings. In E. Hinkel (Ed.), *Handbook of research in second language teaching and learning* (pp. 199–214). Lawrence Erlbaum Associates.

4. UNESCO. (1953). *The use of vernacular languages in education*. UNESCO.

5. Panhwar, A. H., Channa, L. A., & Memon, S. A. (2019). Linguistic diversity in Pakistan: Challenges and opportunities. **Global Language Review, 4** (2), 45–54.

6. Khan, H. (2014). Language ideology and regional languages in Pakistan. **International Journal of English and Education, 3** (.3), 210–220

7. Farida, S. (2018). Sindhi language and its role in education and media. **Journal of Language and Cultural Studies, 6** (1), 33–47.

8. Mansoor, S. (1993). **Punjabi, Urdu, English in Pakistan: A sociolinguistic study**. Vanguard Books.

9. Shah, A., Memon, N., & Abbasi, A. (2022). Language politics and social tension in Sindh. **Pakistan Social Sciences Review, 6**(2), 88–101.

10. Sim, D. (2012). Language attitude and language maintenance. **International Journal of Humanities and Social Science, 2** (18), 45–52.

11. Abbasi, A., Shah, S., & Memon, N. (2023). Language use among young Sindhi migrants in Karachi. **Pakistan Journal of Languages and Translation Studies, 11** (1), 77–92.